SINDHI

# اختياراتِ مصطفيٰ

صَلَّی اللہ تعالٰی علیه واٰلهٖ وسلَّم



اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# اختياراتِ مصطفٰي صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

شافعِ اُمم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فَرمانِ جنت نشان آهي: جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن ۽ رات 100 ڀيرا درودِ پاڪ پڙهي، الله عَزَّوَجَلَّ ان جون 100 حاجتون پوريون فرمائيندو. 70 آخرت جون ۽ 30 دنيا جون ۽ الله عَزَّوَجَلَّ هڪ فرشتو مقرر فرمائي ڇڏيندو، جيڪو ان درود شريف کي منهنجي قبر ۾ ائين پهچائيندو، جيئن توهان تي تحفا پيش ڪيا ويندا آهن، بنا ڪنهن شڪ جي منهنجو علم منهنجي وصال کان پوءِ بہ ايئن ئي هوندو جيئن منهنجي زندگي ۾ آهي. (جمع الجوامع، ج، 7، ص،199، حديث، 22355)

اُن پر دُرود جن کو کسں بے کساں کہیں
اُن پر سلام جن کو خَبَر بے خَبَر کی ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا.

فرمانِ مصطفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الکبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وجائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! اُذْكُرُوا الله, تُوبُوا اِلَى الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نِيّتون

آئون به نِيّت ڪريان ٿو ❁ الله جي رِضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 **سورة النحل** آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ



www.dawateislami.net

”ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجھ ۽ چڱي نصيحت سان“ ۽ بخاري شريف (حديث:4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَةً يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّهه رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ته ناهي ❁ فضول ڳالهين کان بچندس ❁ مَدَني قافلي، مَدَني انعامات ۽ علائقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت بڻائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عظيم رات

منا منا اسلامي ڀائرو! اڄ 1437 سنِ هجري جي ربيع الاول مهيني جي ٻارهين جي رات آهي. الله تبارڪ و تعالٰي جا لک لک شڪر جنهن اسان کي هڪ ڀيرو ٻيهر عظيم الشان فضائل ۽ برڪتن واري مقدس رات نصيب فرمائي، هي اها عظيم رات آهي جنهن ۾ محبوبِ ربّ ، سلطانِ عرب رسول اڪرم، نور مجسم، شاهه بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي دنيا ۾ جلوه گري ٿي .

حضرت سيّدنا شيخ عبدالحق محدث دهلوي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی فرمائن ٿا: بيشڪ سرورِ عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادت واري



www.dawateislami.net

رات شب قدر کان بہ افضل آهي، چو تہ ولادت واري رات سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن دنيا ۾ جلوه گر ٿيڻ جي رات آهي، جڏهن تہ شب قدر سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عطا ڪيل رات آهي ۽ جيڪا رات ذاتِ مقدس صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظهور جي ڪري مشرف ٿئي اها رات ان رات کان وڌيڪ شرف ۽ عزت واري آهي جيڪا ملائڪن جي نازل ٿيڻ سبب مشرف آهي. (ماثبت باالسنة ص 289)

جڏهن ڪائنات ۾ ڪفر، شرڪ ۽ وحشت ۽ بربريت جي ٻاٽ اونداهي ڇانيل هئي، ٻارهين ربيع النورشريف تي مڪي شريف زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفاً وَّتَعۡظِيۡماً ۾ حضرت سيّدتنا آمنہ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهَا جي مبارڪ گهر مان هڪ اهڙو نور چمڪيو جنهن سڄيءَ دنيا کي چمڪائي ڇڏيو. سڏڪندڙ انسانيت جي اک جن ڏانهن لڳل هئي اهي تاجدار رسالت، شهنشاه نبوت، مخزنِ جُود و سخاوت، پيڪرِ عظمت ۽ شرافت، محبوبِ ربُّ العِزَّت، مُحسنِ اِنسانيت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سيني جهانن جي لاءِ رحمت بڻجي ڌرتيءَ تي جلوه گر ٿيا.

12 ربيع النور شريف جو اللّٰه تعاليٰ جي نور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دنيا ۾ جلوه گري ٿيندي ئي ڪفر ۽ گمراهيءَ جا ڪڪر هٽي ويا، ايران جي بادشاهہ ”ڪسريٰ“ جي محل تي زلزلو اچي ويو، چوڏهن ڪنگرا ڪري پيا، ايران جو آتشڪدو (باهہ جي پوڄارين جو عبادت خانو) جيڪو هڪ هزار سالن کان ٻري رهيو هو اهو وسامي ويو، ساوَہ درياهہ خشڪ ٿي ويو،ڪعبي کي وجد اچي ويو، بت منهن ڀر ڪِري پيا.

منا منا اسلامي ڀائرو! اڄ جي هن عظيم نوراني رات ۾ حضرت



www.dawateislami.net

سيِّدَتُنَا آمِنہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهَا جن جي گلشن جي مهڪندڙ گل، رسول مقبول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي شان ۽ عظمت جو مبارڪ ذڪر ڪري پنهنجي جهولي کي رحمتن ۽ برڪتن سان پرڻ جي ڪوشش ڪنداسين. اڄ جي هن بيان ۾ اسان هي بہ ٻڌنداسين تہ اللّٰه تبارڪ و تعالٰي اسان جي آقا، ٻنهي عالمن جي داتا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڪهڙا ڪهڙا اختيارات عطا فرمايا، حڪومتِ مصطفٰي ڪهڙي شان واري آهي، توجهہ سان ٻڌنداءِ سمجهندا تہ، اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ هن نوراني رات جون خوب خوب برڪتون ۽ رحمتون حاصل ٿينديون.

اڇو! بيان کان پهريان، عاشقِ ميلاد ۽ عاشقِ ماهِ رسالت، امير اهلسنّت، باني دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي، ضيائي دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِیَة جن جي عطا ڪيل نعرن سان هن نوراني رات جو استقبال ڪريون ٿا. ٿي سگهي تہ مدني پرچم لهرائي تمام جوش ۽ جذبي، محبت ۽ عقيدت سان گڏ مرحبا يا مصطفٰي جي ڌوم مچايو.

سرکار کی آمد ...مرحبا سردار کی آمد ...مرحبا آمنہ کے پھول کی آمد ...مرحبا
رسولِ مقبول کی آمد ...مرحبا پیارے کی آمد ...مرحبا اچھے کی آمد ... مرحبا

سچے کی آمد ...مرحبا سوہنے کی آمد ...مرحبا موہنے کی آمد ...مرحبا
محمد کی آمد ... مرحبا مُختار کی آمد ...مرحبا مُختار کی آمد ...مرحبا
مُختار کی آمد ...مرحبا

مرحبا یا مصطفی مرحبا یا مصطفی مرحبا یا مصطفی مرحبا یا مصطفی

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

# اختياراتِ مصطفٰي

ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، شفيع روز شمار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشادِ حَقيقت بنياد آهي: جڏهن قيامت جو ڏينهن ٿيندو تہ ماڻهو گڏ ٿي ڪري حضرت سيدنا آدم عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيندا ۽ عرض ڪندا تہ توهان پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ اسان جي شفاعت ڪريو، اهي فرمائيندا: مان ان جي لاءِ نہ آهيان، پر توهان حضرت سيدنا ابراهيم عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن جو دامن پڪڙيو، ڇو تہ اهي الله عَزَّوَجَلَّ جا خليل آهن، تہ اهي حضرت سيدنا ابراهيم عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام وٽ ويندا، اهي بہ فرمائيندا: مان ان جي لاءِ نہ آهيان ، پر حضرت سيدنا موسٰي عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن وٽ وڃو، ڇو تہ اهي الله عَزَّوَجَلَّ جا ڪليم آهن تہ اهي حضرت سيدنا موسٰي عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن جي بارگاهہ ۾ ويندا. اهي بہ فرمائيندا. آئون ان لاءِ نہ آهيان پر توهان حضرت عيسٰي عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن جي بارگاهہ ۾ وڃو ڇو تہ اهي روح الله ۽ كَلِمَةُ الله آهن، تہ ماڻهو حضرت سيدنا عيسٰي عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن وٽ ويندا، اهي بہ فرمائيندا: مان ان لاءِ نہ آهيان ، پر توهان حضرت سيدنا محمد مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ وڃو، اهي مون وٽ ايندا تہ مان فرمائيندس، تہ مان ئي تہ شفاعت ڪرڻ وارو آهيان، پوءِ مان پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ کان اجازت طلب ڪندُس، تہ مون کي اجازت ملي ويندي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي دل ۾ اهڙيون تعريفون وجهندو جيڪي ان وقت منهنجي علم ۾حاضر نہ هونديون. مان ان تعريفن سان تعريفون ڪندس



www.dawateislami.net

۽ رب تعالٰي جي حضور سجدي ۾ ڪري ويندس. چيو ويندو: يَا مُحَمَّدُ اِرْفَعْ رَاْسَكَ،وَقُلْ يُسْمَعْ لَكَ، وَسَلْ تُعْطَ، وَاشْفَعْ تُشَفَّعْ يعني: اي محمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)! پنهنجو متو متي ڪٽو، چئو توهان جي ٻڌي ويندي ، گُهرو عطا ڪيو ويندو، شفاعت ڪريو قبول ڪئي ويندي. مان عرض ڪندس: يَا رَبِّ، أُمَّتِىْ، أُمَّتِىْ يارب عَزَّوَجَلَّ! منهنجي امت ، منهنجي امت.ته فرمايو ويندو. وڃو ۽ پنهنجي امت مان هر ان شخص کي (جهنم مان) ڪڍو جنهن جي دل ۾ جَوَ جي برابر به ايمان آهي. مان ويندس ۽ انهن کي ڪڍندس. پوءِ واپس ايندس ۽ انهيءَ تعريفن مان رب عَزَّوَجَلَّ جي تعريف ڪندس، پوءِ ٻيهر رب تعالٰي جي حضور سجدي ۾ ويندس. چيو ويندو: يَا مُحَمَّدُ اِرْفَعْ رَاْسَكَ،وَقُلْ يُسْمَعْ لَكَ، وَسَلْ تُعْطَ، وَاشْفَعْ تُشَفَّعْ يعني اي محمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)! پنهنجو متو متي ڪٽو، چئو توهان جي ٻڌي ويندي، گُهرو عطا ڪيو ويندو، شفاعت ڪريو قبول ڪئي ويندي. مان عرض ڪندس: يَا رَبِّ، أُمَّتِىْ، أُمَّتِىْ يارب عَزَّوَجَلَّ! منهنجي امت، منهنجي امت: ته فرمايو ويندو وڃو ۽ پنهنجي امت جي هر ان شخص کي ڪڍو جنهن جي دل ۾ واريءَ جي داڻي جي برابر به ايمان آهي جيئن ته مان ويندس ۽ اهڙن کي ڪڍندس پوءِ واپس ايندس ته رب تعالي جي انهن ئي تعريفن سان ثنا ڪندس، پوءِ ان جي حضور سجدي ۾ ويندس. چيو ويندو: يَا مُحَمَّدُ اِرْفَعْ رَاْسَكَ،وَقُلْ يُسْمَعْ لَكَ، وَسَلْ تُعْطَ، وَاشْفَعْ تُشَفَّعْ يعني اي محمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)! پنهنجو متو متي ڪٽو! چيو ٻڌو ويندو، گهرو



www.dawateislami.net

عطا ڪيو ويندو،شفاعت ڪريو،قبول ڪئي ويندي. مان عرض ڪندس: يَا رَبِّ، أُمَّتِیْ، أُمَّتِیْ يا رب عَزَّوَجَلَّ! منهنجي امت! منهنجي امت!. الله عَزَّوَجَلَّ فرمائيندو: وڃو ۽ جنهن جي دل ۾ رائي جي داڻي ڪان بہ گهٽ ايمان آهي، ان کي بہ باهہ مان ڪڍي ونو، پوءِ جيئن تہ مان ويندس ۽ ايئن ئي ڪندس. ( بخاري، ڪتاب التوحيد ، ج 4 ، ص ، 577 ، حديث ، 7510 )

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مفسر شهير، حڪيم الامت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان فرمائن ٿا تہ خيال رهي تہ اسان پاڻ رب تعالٰي جي تعريف نہ ٿا ڪري سگهون جيسيتائين اسان کي حضور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) نہ سيکارن، اسان جي حمد حضور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جن جي سيکارڻ سان آهي ۽ حضور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جن جي حمد رب تعالٰي جي سيکارڻ سان ۽ رب (عَزَّوَجَلَّ) جي جهڙي تعريف، حضور انور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جن ڪئي آهي ۽ ڪندا، مخلوق مان ڪنهن بہ اهڙي حمد نہ ڪئي، انهيءَ ڪري سندن (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جن جو نالو احمد آهي. (يعني تمام گهڻو حمد ۽ تعريف بيان ڪرڻ وارو... مزيد فرمائن ٿا تہ) ان سجدي ۾ حضور انور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) رب (عَزَّوَجَلَّ) جي بي مثال حمد ڪندا ۽ مقامِ محمود تي ربّ تعالٰي حضور انور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جن جي اهڙي حمد فرمائيندو جيڪا ڪير نہ ڪري سگهيو هوندو، انهيءِ لاءِ حضور انور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جن جو نالو "محمد" آهي. (يعني جنهن جي تمام گهڻي حمد ۽ تعريف ڪئي وئي)... حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گنهگارن کي ڪڍڻ جي لاءِ دوزخ ۾ تشريف ڪڻي ويندا، جنهن سان خبر پئي تہ حضور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ



www.dawateislami.net

وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) اسان گنهگارن جي لاءِ ادنٰي (يعني معمولي) جڳهه تي تشريف ڪٽي ويندا. جيڪڏهن اڄ ميلاد شريف يا مجلسِ ذڪر ۾ حضور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جن تشريف ڪٽي اچن تہ ان جي ڪرم ڪان بعيد (يعني ناممڪن) ناهي. هن مان ان جي شان نہ ٿي گهٽجي، اسان جي ۽ اسان جي گهرن جي شان وڌي ويندي آهي. (مراة المناجيح، ج 7، ص 417-419)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

سُبۡحٰنَ اللّٰـه عَزَّوَجَلَّ! ڏٺو اوهان تہ الله رب العزّت عَزَّوَجَلَّ. اسان جي آقا ۽ مولاٰ محمد مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڪهڙي شان ۽ شوڪت جو مالڪ بڻايو ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڪيتري قدر اختيارات سان نوازيو آهي تہ محشر جي ڏينهن جڏهن تہ سج هڪ ميل تي رهي ڪري باهہ وسائي رهيو هوندو، ٽامي جي تپيل زمين تي اگهاڙي پيرين بيهاريو ويندو، انسان پنهنجي ڀاءُ ڀيڻ، ماءُ پيءُ، ٻار ٻچن کان ڀڄندو رهندو، ان ڏينهن هر ڪنهن کي پنهنجي ئي پئي هوندي ۽ پڻ گنهگار پنهنجي پگهر ۾ غوطا کائي رهيا هوندا ، اهڙي سخت ڏينهن ۾ رحيم ۽ ڪريم آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گنهگار امت کي دوزخ جي عذاب کان بچائڻ جي خاطر بيچين هوندا ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ عالي ۾ مسلسل امت جي شفاعت جي اجازت طلب فرمائيندا،پوءِ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي محبوب رسولِ ڪريمصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي شفاعت جا اختيارات عطا فرمائيندو ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ، الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان پنهنجي امتين جي شفاعت ڪري انهن کي جهنّم کان ڇوٽڪارو ڏياري جنّت ۾ داخل فرمائيندا.



www.dawateislami.net

تمہارا نام مصیبت میں جب لیا ہو گا     ہمارا بِگڑا ہوا کام بن گیا ہو گا

گناہگار پہ جب لُطف آپ کا ہو گا     کیا بغیر کیا بے کیا،کیا ہو گا

خُدا کا لُطف ہوا ہوگا دَستگیر ضرور     جو گِرتے گِرتے تِرا نام لے لیا ہو گا

دِکھائی جائے گی محشر میں شانِ محبوبی     کہ آپ ہی کی خوشی آپ کا کہا ہوگا

کسی کے پاؤں کی بیڑی یہ کاٹتے ہوں گے     کوئی اسیرِ غم ان کو پُکارتا ہو گا

کسی طرف سے صدا آئے گی حضور آؤ     نہیں تو دَم میں غریبوں کا فیصلہ ہو گا

کوئی کہے گا دُہائی ہے یا رسول اللہ     تو کوئی تھام کے دامن مچل گیا ہوگا

یہ بے قرار کرے گی صدا غریبوں کی     مقدس آنکھوں سے تار اَشک کا بندھا ہوگا

ہزار جان فِدا نرم نرم پاؤں سے     پُکار سُن کے اسیروں کی دوڑتا ہوگا

عزیز بچّہ کو ماں جس طرح تلاش کرے     خدا گواہ یہی حال آپ کا ہو گا

خدائی بھر اِنہیں ہاتھوں کو دیکھتی ہوگی     زمانہ بھر اِنہیں قدموں پہ لوٹتا ہوگا

میں اُن کے دَر کا بھکاری ہوں فضلِ مولیٰ سے     حسنؔ فقیر کا جنّت میں بِسترا ہو گا

سرکار کی آمد ...مرحبا    دِلدارکی آمد ...مرحبا    آَولیٰ کی آمد ...مرحبا
اعلیٰ کی آمد ... مرحبا    والا کی آمد ...مرحبا    بالا کی آمد ...مرحبا

یٰسین کی آمد ...مرحبا، طٰہٰ کی آمد ...مرحبا    مُزمّل کی آمد ... مرحبا
مُدثِّرکی آمد ...مرحبا مُختار کی آمد ...مرحبا مُختار کی آمد ...مرحبا م
مُختار کی آمد ... مرحبا

مرحبا یا مصطفی   مرحبا یا مصطفی   مرحبا یا مصطفی   مرحبا یا مصطفی

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب!     صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي پائرو! ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته سڄي ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ الله عَزَّوَجَلَّ آهي ۽ سڀ ان جا محتاج آهن، ڪا شيء به ان جي



www.dawateislami.net

قبضي ۾ اختيار کان ٻاهر نہ آهي، پر ان پنهنجي فضل و ڪرم سان مخلوق مان پنهنجي خاص ٻانهن مثلاً انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام ۽ اولياء ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی کي بہ مختلف اختيارات عطا ڪيا ويا آهن، بنا ڪنهن شڪ جي انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام اهي قابلِ احترام ۽ مقدس هستيون آهن جن جو مقام مخلوق ۾ سڀ کان بلند و بالا آهي، تنهن ڪري انهن کي عطا ڪيل معجزات، ڪمالات ۽ اختيارات بہ ٻين مخلوق کان افضل و اعلٰي هوندا آهن، پوءِ ان ۾ بہ تاجدارِ انبياء، محبوبِ ڪبريا.صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا اختيارات، ٻين انبياء ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام جن جي اختيارات کان وڌيڪ ۽ نمايا آهن.

خلق سے اولياء اولياء سے رُسل اور رسولوں سے اعلیٰ ہمارا نبی
مُلکِ کونین میں انبیاء تاجدار تاجداروں کا آقا ہمارا نبی
سارے اچھوں میں اچھا سمجھئے جِسے ہے اُس اچھے سے اچھا ہمارا نبی
سارے اُونچوں میں اُونچا سمجھئے جِسے ہے اُس اُونچے سے اُونچا ہمارا نبی
سب چمک والے اُجلوں میں چمکا کیے اَندھے شیشوں میں چمکا ہمارا نبی

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي پاڪيزه ڪلام قرآنِ ڪريم ۾ بہ جابجا حضور صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي اختيارات کي بيان فرمايو آهي. اچو! اختياراتِ مصطفٰي تي مشتمل ڪجهه آياتِ مبارڪ پڙهون ٿا. جيئن تہ،

پاره 5 سورة النّسآء جي آيت نمبر 65 ۾ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو.

فَلَا وَ رَبِّكَ لَا يُؤۡمِنُوۡنَ حَتّٰى يُحَكِّمُوۡكَ فِيۡمَا شَجَرَ بَيۡنَهُمۡ ثُمَّ لَا يَجِدُوۡا فِيۡۤ اَنۡفُسِهِمۡ حَرَجًا مِّمَّا قَضَيۡتَ وَيُسَلِّمُوۡا تَسۡلِيۡمًا ﴿۶۵﴾

**ترجمو ڪنز الايمان:** اي محبوب تنهنجي رب جو قسم اهي مسلمان نہ ٿيندا جيسيتائين پنهنجي جهيڙن ۾ تو کي حاڪم نہ بنائن پوءِ جو ڪجهه تون حڪم فرمائين پنهنجي دلين ۾ ان بابت رڪاوٽ نہ سمجهن ۽ دل سان مڃي ويهن.



www.dawateislami.net

پاره 10 سورة التوبة جي آيت نمبر 29 ۾ ارشادِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ آهي.

قَاتِلُوا الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَ لَا بِالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَ لَا يُحَرِّمُوْنَ مَا حَرَّمَ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ

**ترجمو كنز الايمان:** لڙا ئي ڪريو انهن سان جيڪي الله ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان نہ ٿا رکن ۽ الله ۽ سندس رسول جي حرام ڪيل شين کي حرام نہ ٿا ڄاڻن.

پاره 28 سورة الحشر جي آيت نمبر 7 ۾ ارشادِ خداوندي عَزَّوَجَلَّ آهي

وَ مَآ اٰتٰىكُمُ الرَّسُوْلُ فَخُذُوْهُ ۗ وَ مَا نَهٰىكُمْ عَنْهُ فَانْتَهُوْا ۚ

**ترجمو كنز الايمان:** ۽ جيڪو ڪجهہ توهان کي رسول عطا فرمائي اهو وٺو ۽ جنهن کان منع فرمائي انهيءَ کان رڪجي وڃو.

پاره 22 سورة الاحزاب جي آيت نمبر 36 ۾ ارشاد خداوندي عَزَّوَجَلَّ آهي.

وَ مَا كَانَ لِمُؤْمِنٍ وَّ لَا مُؤْمِنَةٍ اِذَا قَضَى اللّٰهُ وَ رَسُوْلُهٗۤ اَمْرًا اَنْ يَّكُوْنَ لَهُمُ الْخِيَرَةُ مِنْ اَمْرِهِمْ ؕ

**ترجمو كنز الايمان:** ۽ ڪنهن بہ مسلمان مرد ۽ مسلمان عورت کي حق نہ ٿو پهچي جو جڏهن الله ۽ رسول حڪم فرمائن پوءِ بہ انهن کي پنهنجي معاملي جو ڪو اختيار رهي.

صدر الافاضل حضرت علامہ مولانا مفتي سيد نعيم الدين مراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا تہ ان مان معلوم ٿيو تہ ماڻهوءَ کي رسولِ ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي فرمانبرداري هر معاملي ۾ واجب آهي ۽ نبي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مقابلي ۾ ڪوبہ پنهنجي ذات جو خود مختيار ناهي. (خزائن العرفان، پ 22، الاحزاب، تحت الاية: 32)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

سبحٰن الله! ڏنو اوهان تہ خالقِ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ڪهڙن ڪهڙن اختيارن سان نوازيو آهي تہ مسلمانن کي پنهنجن معاملن ۾ بہ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي حاڪم ۽ مختار بڻائي مسلمانن تي سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اطاعت کي لازم قرار ڏنو. ايئن ئي سندن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي ان ڳالهہ جو بہ اختيار ڏنو ويو تہ جنهن کي چاهين، جيئن چاهين حڪم فرمائن ۽ جنهن شيء کي چاهين، جڏهن چاهين منع ڪري ڇڏين. جيئن تہ

صدر الشريعہ، بدر الطريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ حضور اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله عَزَّوَجَلَّ جا نائبِ مطلق آهن، تمام جهان، حضورصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اختيار ۾ ڪيا ويا، جيڪو چاهين ڪن، جنهن کي جيڪو چاهين ڏين، جنهن کان جيڪو چاهين واپس ونن، سڄي جهان ۾ ان جي حڪم کي ڦيرائڻ وارو ڪو بہ نہ آهي، سڄو جهان ان جو محڪوم (يعني حڪم جو پابند) آهي ۽ اهي پنهنجي رب عَزَّوَجَلَّ کان سوا ڪنهن جا محڪوم ناهن، تمام ماڻهن جا مالڪ آهن، جيڪو انهن کي پنهنجو مالڪ نہ ڄاڻي حلاوتِ سنّت (يعني سنت جي مناس) کان محروم رهي، تمام زمين ان جي مِلڪ آهي، تمام جنت ان جي جاگير آهي، مَلَكُوْتُ السَّمٰوَاتِ وَالْاَرْض (يعني آسمان ۽ زمين جون سلطنتون) حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي فرمان هينان، جنت ۽ دوزخ جون ڪنجيون دستِ اقدس ۾ ڏنيون ويون، رزق ۽ خير ۽ هر قسم جون عطائون، حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عطا جو هڪ حصو آهي، شريعت جا احڪام حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي قبضي ۾ ڏنا ويا آهن تہ جنهن تي



www.dawateislami.net

جيڪو چاهين حرام فرمائي ڇڏين ۽ جنهن جي لاءِ جيڪو چاهين حلال ڪري ڇڏين ۽ جيڪو فرض چاهين معاف فرمائي ڇڏين. (بهار شريعت، حصو 1،1 ص 79-85)

ڪونين بنائے گئے سرکار کی خاطر
ڪونين کی خاطر تمہیں سرکار بنایا

کُنجی تمہیں دِی اپنے خزانوں کی خدا نے
محبوب کیا مالک و مُختار بنایا

منا منا اسلامي ڀائرو! اچو ته ان باري ۾ اختياراتِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا ڪجهه واقعا ٻڌون ٿا:

## حج جي فرضيت ۾ اختيارِ مصطفٰي

جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي ٻانهن تي حج فرض فرمايو ۽ رحمت عالم، نور مجسم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خطبي ۾ حج جي فرضيت جو اعلان ڪندي فرمايو: اَيُّهَا النَّاسُ قَدْ فَرَضَ اللّٰهُ عَلَيْكُمُ الْحَجَّ فَحُجُّوا يعني اي انسانو! الله عَزَّوَجَلَّ توهان تي حج کي فرض فرمائي ڇڏيو آهي، تنهن ڪري حج ڪندا ڪريو، ته هڪ صحابيِ رسول (حضرت سيِّدُنا اَقرَع بِن حابِس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ) عرض ڪيو: يا رسول الله عَزَّوَجَلَّ چا هر سال حج ڪرڻ فرض آهي؟ 3 مرتبه انهن اهو ئي سوال ڪيو، پر هر ڀيري رسولن جي سالار، نبي مختار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن خاموشي اختيار فرمائي پوءِ ارشاد فرمايائون: لَوْقُلْتُ: نَعَمْ لَوَجَبَتْ جيڪڏهن مان ”ها“ چئي ڇڏيان ها ته هر سال حج ڪرڻ فرض ٿي وڃي ها. (مسلم، ص 698، حديث 1337)



www.dawateislami.net

ياد رهي تہ! حج زندگي ۾ هڪ مرتبو ئي فرض آهي، جيئن تہ حديثِ پاڪ ۾ آهي جڏهن صحابيِ رسول حضرت سيدنا اقرع بن حابس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان هر سال حج فرض ٿيڻ جي باري ۾ سوال ڪيو تہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: بَلْ مَرَّةً وَاحِدَةً فَمَنْ زَادَ فَتَطَوُّعٌ يعني حج هڪ ئي ڀيرو فرض آهي، جيڪو هڪ کان وڌيڪ ڪندو اهو نفلي ٿيندو. (مستدرڪ، ج. 2، ص. 11. حديث. 3210)

سبحٰن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ! حضور انور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي شان ۽ عظمت، اختيارات ۽ فڪرِ امت جو اندازو هن ڳالهہ کان لڳايو تہ هر سال حج فرض ڪري ڇڏڻ جو اختيار هئڻ جي باوجود امت کي مُشَقَّت مان بچائڻ جي لاءِ ”ها“ فرمائي ڇڏين تہ هر سال حج ڪرڻ فرض ٿي وڃي ها. ياد رهي تہ هي ڪو پهريون موقعو نہ هيو بلڪ گهڻن موقعن تي سرڪارِ نامدار امت جي غمخوار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اسان گنهگارن جي مشقت ۽ دشواري جو لحاظ ڪندي شرعي مسئلن ۾ اسان جي آسانين جو خاص خيال فرمايو. اچو! ان باري ۾ پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي خود مختياري ۽ امت جي حق ۾ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خير خواهي جي باري ۾ 3 فرامينِ مصطفٰي پڙهو ۽ جهومو:

1. لَوْلَا اَنْ اَشُقَّ عَلٰى اُمَّتِىْ لَفَرَضْتُ عَلَيْهِمُ السِّوَاكَ كَمَا فَرَضْتُ عَلَيْهِمُ الْوُضُوْءَ جيڪڏهن مون کي پنهنجي امت جي دشواري جو خيال نہ هجي تہ مان ضرور ان تي مسواڪ کي هن طرح فرض ڪري ڇڏيان، جهڙي طرح مان ان تي وضو فرض ڪيو آهي. (مستدرڪ، ڪتاب التفسير، ج. 2، ص. 11، حديث 3210)



www.dawateislami.net

2. لَوۡلَا اَنۡ اَشُقَّ عَلٰی اُمَّتِیۡ لَاَمَرۡتُهُمۡ اَنۡ يُّؤَخِّرُوا الۡعِشَاءَ اِلٰی ثُلُثِ اللَّيۡلِ اَوۡ نِصۡفِهٖ جيڪڏهن مون کي پنهنجي امت جي مشقت جو خيال نہ هجي ها تہ مان عشاء جي نماز کي ٽيون حصو يا اڌ رات تائين تاخير ڪرڻ جو ضرور حڪم ڏيان. (مسند احمد، ج. 1، ص 459، حديث 1835)

3. وَلَوۡلَا ضَعۡفُ الضَّعِيۡفِ وَسُقۡمُ السَّقِيۡمِ لَاَخَّرۡتُ هٰذِهِ الصَّلَاةَ اِلٰی شَطۡرِ اللَّيۡلِ جيڪڏهن پوڙهن جي ڪمزوري ۽ مريضن جي بيماريءَ جو خيال نہ هجي ها تہ هن نماز (يعني عشاءِ جي نماز) کي اڌ رات تائين ضرور موخر (يعني پوئتي) ڪري ڇڏيان. (ابو دائود، ج. 1، ص. 185، حديث: 422)

منا منا اسلامي ڀائرو! انهن حديثن مبارڪن مان معلوم ٿيو تہ حضور اڪرم ، نور مجسم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جيڪڏهن چاهين تہ عشاء جي نماز جي وقت ۾ تبديلي فرمائي ڇڏين تہ ٽيون حصو يا اڌ رات کان پهرين نمازِ عشاء پڙهڻ جائز نہ ٿئي ها ۽ اهڙي طرح وضو ۾ مسواڪ کي فرض فرمائي ڇڏين ها تہ مسواڪ جي بغير نمازئي نہ ٿئي ها. (مرآة المناجيح، ج. 1، ص. 280) پرامت جي آساني جي سبب کان ايئن نہ فرمايو.

اِذنِ خدا سے ہو تم مُختارِ ہر دوعالَم
دونوں جہاں تمہاری خیرات کھا رہے ہیں

ياد رهي تہ ! مسواڪ شريف اسان جي پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي تمام گهڻي پياري سنّت آهي.

اُمُّ الۡمومنين حضرت سيدتنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡهَا کان مروي آهي تہ: اَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَسَلَّمَ كَانَ اِذَا دَخَلَ بَيۡتَهٗ بَدَاَ بِالسِّوَاكِ يعني نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جڏهن بہ دولت خاني مان تشريف ڪٽي ايندا هئا تہ سڀ



www.dawateislami.net

ڪان پهريان مسواڪ ئي ڪندا هئا. (مسلم، ص. 152، حديث. 422) ۽ رات يا ڏينهن ۾ جڏهن بہ آرام فرمائن تہ جاڳي ڪري وضو ڪان پهريان مسواڪ شريف ڪندا هئا. (ابو دائود، ج. 1، ص. 54، حديث. 57) تنهن ڪري اسان کي بہ گهرجي تہ ٻين سنتن سان گڏوگڏ مسواڪ ( ڏندڻ) شريف جي سنت تي بہ عمل ڪريون تہ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ سنت جو ثواب تہ ملندو ئي گڏوگڏ وات جي صفائي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا بہ حاصل ٿيندي جيئن تہ

فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: اَلسِّوَاكُ مَطْهَرَةٌ لِّلْفَمِ مَرْضَاةٌ لِّلرَّبِّ يعني مسواڪ وات جي پاڪيزگي (صفائي) ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جو ذريعو آهي.
(بخاري، ج. 1، ص. 637، حديث. تحت الباب)

احکامِ شرع پر مجھے دے دے عمل کا شوق
پیکر خُلوص کا بنا یا ربِّ مُصطفیٰ

آقا کی آمد ...مرحبا سَیِّد کی آمد ...مرحبا جَیِّد کی آمد ...مرحبا
طاہِرکی آمد ...مرحبا حاضِر کی آمد ...مرحبا ناظِرکی آمد ...مرحبا

ناصِرکی آمد ...مرحبا ظاہِرکی آمد... مرحبا باطن کی آمد ...مرحبا
حامی کی آمد ...مرحبا آقائے عطارؔکی آمد...مرحبا مُختار کی آمد ...مرحبا

مُختار کی آمد ...مرحبا مُختار کی آمد ...مرحبا

مرحبا یا مصطفی مرحبا یا مصطفی مرحبا یا مصطفی مرحبا یا مصطفی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## حرم شريف جي گاهہ ڪٽڻ حلال فرمائي ڇڏيو

فتح مڪہ جي موقعي تي سرڪارِ نامدار، ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽



www.dawateislami.net

مختار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حرمِ مڪہ جي گاھ وغيره ڪٽڻ جي حرمت بيان ڪرڻ کان پوءِ حضرت سيدنا عبّاس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن جي گذارش تي پنهنجن خاص اختيارن کي استعمال ڪندي صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي ضرورتن جي سبب کان حرم شريف مان اِذخِر نالي گاھ ڪٽڻ کي حلال ۽ جائز قرار ڏنائون جيئن تہ حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ

نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اِنَّ اللّٰهَ حَرَّمَ مَكَّةَ بيشڪ الله مڪي شريف کي حرم بڻايو آهي، تنهن ڪري نہ هتان جو گاھ پٽيو وڃي ۽ نہ ئي هتان جا وڻ ڪٽيا وڃن (تہ هي سڀ ڪم حرمِ مڪہ ۾ حرام ۽ ممنوع آهن). ان تي حضرت سيدنا عباس بن عبد المُطَّلب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ عرض ڪيو: اِلَّا الْاِذْخِرَ لِصَاغَتِنَا وَلِسُقُفِ بُيُوْتِنَا يعني اسان جي سنارن ۽ اسان جي گهر جي ڇتين جي لاءِ اذخر گاھ کي جائز فرمائي ڇڏيو! (هي اسان جي تمام گهڻو ڪم ايندو آهي) جيئن تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اِلَّا الْاِذْخِرَ يعني اذخر گاھ جي توهان کي اجازت آهي.

(بخاري، ڪتاب البيوع، باب ما قيل في الصواغ......الخ/ حديث؛)

سبحٰن الله! ٿورو غور ڪريو تہ حرم شريف جو گاھ وغيره ڪٽڻ کي حرام ٿيڻ جي باري ۾ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم. جن جي زباني واضح طور تي ٻڌڻ جي باوجود حضرت سيدنا عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جهڙي جليل القدر صحابي، پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي اذخر گاھ کي جائز قرار ڏيڻ جي فرمائش ڪري رهيا آهن، جنهن مان معلوم ٿيو تہ صحابہ ڪرام سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي معاذ الله عَزَّوَجَلَّ کو عام انسان



www.dawateislami.net

جهڙو بشر نہ سمجهندا هئا. بلڪ انهن جو هي عقيدو هو تہ نبي ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي الله عَزَّوَجَلَّ حرام ۽ حلال جي احڪامن ۾ تبديلي جو مڪمل اختيار ڏنو آهي ۽ پوءِ پاڻ نبي ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ هي نہ فرمايو تہ مون کي ان جو اختيارنہ آهي بلڪ پنهنجي اختيارن کي استعمال ڪندي اذخر گاهہ کي حلال ۽ جائز قرار ڏئي ڪري انهن جي هن عقيدي تي پنهنجي مهرِ تصديق لڳائي ڇڏي.

منا منا اسلامي ڀائرو! اختياراتِ مصطفٰي جا هن وقت تائين بيان ڪيل تمام واقعات انهن شين يا احڪامن جي باري ۾آهن. جنهن ۾ حضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي اختيارات سان بلا امتياز پنهنجي امت جي تمام افراد جي لاءِ آساني عطا فرمائي. هاڻي پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اختياراتِ جي اها شان بہ ملاحظ فرمايو تہ ڪا شيءِ جيڪا سڀني امت جي لاءِ فرض ۽ واجب هجي تہ جيڪڏهن ڪو ترڪ ڪري تہ گنهگار ٿيندو، مگر حضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي خصوصي اختيارات سان امتيازي طور هڪ يا ڪجهہ افراد کي ان فرض ۽ واجب کي ترڪ ڪرڻ جي اجازت عطا فرمائي ڇڏي، ايئن ڪا شيءِ جيڪا سڀني امت جي لاءِ تہ حرام ۽ ناجائز هجي تہ جيڪڏهن ڪو ڪري تہ گنهگار ٿئي، مگر پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪنهن خاص فرد يا مخصوص افراد جي لاءِ ان حرام و ناجائز شيءِ کي حلال و جائز فرمائي ڇڏيو. اچو! ان باري ۾ بہ اختياراتِ مصطفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا ڪجهہ ايمان افروز واقعا ٻڌون ٿا:



www.dawateislami.net

## نمازن جي معافي ۾ اختيارِ نبوي

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هر مسلمان تي ڏينهن رات پنج نمازون پڙهڻ فرض آهن. ان جي فرضيت جو انڪار ڪفر آهي ۽ جاڻي واڻي هڪ پيرو بہ ڇڏڻ وارو گناهِ ڪبيره جو مرتڪب ۽ جهنم جي باهہ جو حقدار آهي، جيئن تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: خَمْسُ صَلَوَاتٍ فِي الْيَوْمِ وَاللَّيْلَةِ يعني ڏينهن رات ۾ پنج نماون (فرض) آهن. (مسلم، ڪتاب الايمان، ص. 24، حديث. 11) مگر قربان وڃو! سرڪارِ نامدار نبي مختار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اختيارات تان جو سڀني امت تي پنج نمازون فرض ٿيڻ جي باوجود هڪ صاحب جي گذارش قبول ڪندي انهن کي 3 فرض نمازون ڇڏڻ جي اجازت عطا فرمائي جيئن تہ

مروي آهي تہ هڪ صاحب نبي اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ هن شرط تي اسلام قبول ڪرڻ جي لاءِ آماده ٿيا تہ مان (صرف) بہ نمازون ئي پڙهندس، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن قبول فرمائي ڇڏيو. (مسند احمد، ج. 7، ص. 283، حديث 20309) ياد رهي تہ نماز کي ترڪ ڪرڻ جي اجازت صرف ان صاحب جي لاءِ خاص هئي ٻين جي لاءِ هڪ نماز بہ بِناڪنهن عذر شرعي ترڪ ڪرڻ جائز ناهي .

منا منا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ سڀني مسلمانن تي پنج نمازون فرض آهن، مگر پياري آقا مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان صاحب کي پنهنجي اختيار سان 3 نمازون نہ پڙهڻ جي اجازت عطا فرمائي ڇڏي. ايئن ئي روزي جي ڪفاري جو بہ هڪ واقعو آهي، اهو بہ سماعت فرمايو، مگر ان کان پهريان هي مسئلو ذهن ۾ رکو تہ روزو ٽٽڻ جي باري



www.dawateislami.net

۾ عام حڪم هي آهي تہ رمضان المبارڪ ۾ ڪنهن عاقل بالغ مقيم (يعني غير مسافر) رمضان جي روزن ڪي ادا ڪرڻ جي نيت سان روزو رکيو ۽ بغير ڪنهن صحيح مجبوري جي ڄاڻي واڻي جماع ڪيو يا ڪرايو، يا ڪنهن بہ لذت جي لاءِ ڪاڌو يا پيتو تہ روزو ٽُٽي پيو ۽ ان جي قضا ۽ ڪفارو ٻئي لازم آهن. (فيضانِ سنت، بحواله رد المختار، ج. 3، ص. 388) (قضا تہ هي آهي تہ اهو روزو رمضان کان علاوه ڪنهن ٻئي ڏينهن ٻيهر رکي ۽) ڪفارو هي آهي تہ ممڪن هجي تہ هڪ رَقَبہ يعني ٻانهي يا غلام آزاد ڪري ۽ هي نہ ٿي سگهي تہ مسلسل 60 روزا رکي، هي بہ نہ ٿي سگهي تہ 60 مسڪينن کي پيٽ ڀري، ٻنهي وقتن جو ڪاڌو ڪارائي. (بهارِ شريعت، حصو 5، ج. 1، ص. 994)

روزو ٽوڙڻ واري هر مسلمان جي لاءِ اهو ئي حڪمِ شرعي آهي مگر شارعِ اسلام، شاهِ خير الانام صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي عظيم الشان اختيارات سان پنهنجي هڪ صحابي جي لاءِ انتهائي خوبصورت انداز ۾ هي ڪفارو معاف فرمائي ڇڏيو جيئن تہ

## سزا کي انعام ۾ بدلائي ڇڏيو

حضرت سيِّدُنا اَبُو هُريرَه رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان مروي آهي تہ هڪ شخص بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿي ڪري عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان هلاڪ ٿي ويس. فرمايو: ڪهڙي شيءِ تون کي هلاڪت ۾ وجهي ڇڏيو؟ عرض ڪيو: مان رمضان ۾ پنهنجي عورت سان صحبت ڪري وينس. فرمايو: ڇا غلام آزاد ڪري سگهو ٿا؟ عرض ڪيائين: نہ. فرمايائون : ڇا لڳاتار ٻن مهينن جا روزا رکي سگهو ٿا؟ عرض ڪيائين:



www.dawateislami.net

نہ. فرمايائون: ڇا 60 مسڪينن کي کاڌو کارائي سگھو ٿا؟ عرض ڪيائين: نہ .. ايتري ۾ خدمتِ اقدس ۾ ڪجورون آنديون ويون، حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن (ان شخص کي) فرمايو: انهن کي خيرات ڪري ڇڏيو. عرض ڪيائين: مان پاڻ کان وڌيڪ ڪھڙي محتاج تي خيرات ڪيان؟ ڇاڪاڻ تہ سڄي مديني ۾ ڪو گھر اسان جي برابر محتاج ناهي. فَضَحِكَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَسَلَّمَ حَتّٰى بَدَتْ نَوَاجِذُهُ وَقَالَ اِذْهَبْ فَاَطْعِمْهُ اَهْلَكَ يعني رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي ڳالھ ٻڌي ڪري مسڪرايا، ايسيتائين جو ڏند مبارڪ ظاهر ٿيا فرمايائون: وڃ هي ڪجورون پنھنجي گھر وارن کي کارائي ڇڏيو . (سمجھو تہ توهان جو ڪفارو ادا ٿي ويو) . (مسلم، ڪتاب الصيام، ص. 560، حديث 1111)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اعلي حضرت امام اهل سنّت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاوٰي رضويہ ۾ هن حديثِ پاڪ کي نقل ڪرڻ کان پوءِ مديني جي سلطان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي عظمت ۽ شان بيان ڪندي فرمائن ٿا: مسلمانو! گناهہ جو اهڙو ڪفارو ڪنهن بہ نہ ٻڌو هوندو (جو روزو ٽوڙڻ تي) سوا بہ مَڻ خرما، بارگاهہ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان عطا ٿيا آهن تہ پاڻ ئي کائي ڇڏيو، ڪفارو ٿي ويندو. وَاللهِ! هي مُحَمَّد رَّسُوۡلُ اللهِ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بارگاهہ رحمت آهي جو سزا کي انعام ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. (مزيد فرمائن ٿا تہ) ان جي هڪ نگاهِ ڪرم ڪبائر (يعني ڪبيره گناهن) کي حسنات (يعني نيڪين ۾ تبديل) ڪري ڇڏيندي آهي جڏهن تہ اَرۡحمَ الرَّاحِمِين عَزَّوَجَلَّ گنهگارن، خطاوارن ۽ تباهہ



www.dawateislami.net

ڪارن ڪي ان جو دروازو ٻڌايو تہ:

| | |
|---|---|
| وَلَوْ اَنَّهُمْ اِذْ ظَّلَمُوْۤا اَنْفُسَهُمْ جَآءُوْكَ | **ترجمو ڪنز الايمان:** ۽ جيڪڏهن اهي پنهنجي پاڻ تي ظلم ڪن تہ اي محبوب تنهنجي درگاهہ ۾ حاضر ٿين. |

گنهگار تنهنجي دربار ۾ حاضر ٿي ڪري معافي چاهين ۽ تو شفاعت فرمائين تہ خدا توبھ قبول ڪرڻ وارو مهربان پائين. (فتاوي رضويه، ج. 30، ص. 531)

اپنے خَطا واروں کو اپنے ہی دامن میں لو　　　کون کرے یہ بَھلا تم پہ کروڑوں دُرود

آقا کی آمد ...مرحبا　　مُصطفیٰ کی آمد ...مرحبا　　مُجتبیٰ کی آمد ...مرحبا
طٰہٰ کی آمد ... مرحبا،　　اعلیٰ کی آمد ...مرحبا　　بالا کی آمد ...مرحبا،
مختار کی آمد مرحبا　　مختار کی آمد مرحبا　　مختار کی آمد مرحبا

مرحبا یا مصطفی مرحبا یا مصطفی مرحبا یا مصطفی مرحبا یا مصطفی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## گواهي جي معاملي ۾ اختيارِ مصطفٰي

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ باهمي لين دين جي معاملن ۾ ٻن مردن کي گواهہ بنائڻ جو حڪم ڏيندي پاره 3 سورةُ البقره جي آيت نمبر 282 ۾ ارشاد فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَاسْتَشْهِدُوْا شَهِيْدَيْنِ مِنْ رِّجَالِكُمْ ۚ | **ترجمو ڪنز الايمان:** ۽ ٻہ شاهد مقرر ڪري ڇڏيو پنهنجي مردن مان |

معلوم ٿيو تہ ڪنهن بہ معاملي ۾ اڪيلي مرد جي گواهي شرعًا قبول ناهي، اهوئي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو حڪم آهي جيڪو تمام مسلمانن جي لاءِ



www.dawateislami.net

آهي، مگر حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي مرضي مبارڪ سان حضرت سيدنا خُزَيْمہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جن کي ان حڪمِ عام کان بَري ۽ آزاد قرار ڏيندي ڪنهن بہ معاملي ۾ ان جي اڪيلي گواهيءَ کي ٻن مردن جي گواهي جي برابر ڪري ڇڏيو ۽ ارشاد فرمايو: مَنْ شَهِدَ لَهُ خُزَيْمَةُ اَوْ شَهِدَ عَلَيْهِ فَهُوَ حَسْبُهُ يعني خُزَيْمَہ (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ) ڪنهن جي حَق ۾ گواهي ڏني يا ڪنهن جي خلاف گواهي ڏني، ان جي اڪيلي گواهي ڪافي آهي. (سنن الکبري، ج. 10، ص. 246، حديث 20516) (يعني ان جي گواهي ڏيڻ کان پوءِ گواهي جو نصاب پورو ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن ٻئي گواهہ جي ضرورت ناهي.)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عِدّت جي حڪم ۾ اختيارِ نبوي

جيڪڏهن ڪنهن عورت جو مڙس مري وڃي ۽ اها حاملہ نہ هجي تہ ان جي عدت الله عَزَّوَجَلَّ قرآن ڪريم ۾چار مهينا ڏهہ ڏينهن بيان فرمائي آهي، جيئن تہ سورة البقره جي آيت نمبر 234 ۾ ارشاد آهي:

| | | |
|---|---|---|
| وَ الَّذِيْنَ يُتَوَفَّوْنَ مِنْكُمْ وَ يَذَرُوْنَ اَزْوَاجًا يَّتَرَبَّصْنَ بِاَنْفُسِهِنَّ اَرْبَعَةَ اَشْهُرٍ وَّ عَشْرًا ۚ | | ترجمو ڪنز الايمان: ۽ جيڪي توهان مان مرن ۽ زالون ڇڏي وڃن تہ اُهي چار مهينا ڏهہ ڏينهن پنهنجي پاڻ کي جهلين. |

صدر الافاضل حضرت علامہ مولانا سيد مفتي نعيم الدين مرادآبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هن آيتِ مبارڪ جي تفسير بيان ڪندي فرمائن ٿا تہ حاملہ جي



www.dawateislami.net

عدت ته وضعِ حمل آهي (يعني ٻار پيدا ٿيندي ئي عدت ختم ٿي ويندي) جيئن ته سوره طلاق ۾ ذکر ڪيل آهي، هتي غير حامله جو بيان آهي، جنهن جو مڙس مري وڃي، ان جي عدت چار مهينا ڏهه ڏينهن آهي. ان مدّت ۾ نه اها نڪاح ڪري، نه پنهنجو مسڪن (يعني مڙس جو گهر) ڇڏي، نه بي عذر تيل لڳائي، نه خوشبو لڳائي، نه سينگار ڪري، نه رنگين ۽ ريشمي ڪپڙا پائي،نه مهندي لڳائي، نه جديد (يعني نئين) نڪاح جي ڳالهه ٻولهه کُلي ڪري.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪرده آيت ۽ تفسير جي روشني ۾ واضح طور تي معلوم ٿيو ته هن معاملي ۾ به سرورِ عالم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو اختيار ملاحظ فرمايو ته

حضرت سيدتنا اَسماءبِنت عُمَيس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جي حق ۾ چار مهينا ڏهه ڏينهن جي عدّت جي مدّت ۾گهٽتائي فرمائي انهن کي صرف 3 ڏينهن تائين سوڳ ملائڻ جو حڪم ارشاد فرمايو. جيئن ته

حضرت سيدتنا اسماء بنت عُمَيس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا فرمائن ٿيون ته جڏهن (مهنجي پهرين مڙس) حضرت سيدنا جعفر طيّار رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ شهيد ٿيا ته، سرڪارِ نامدار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مون کي فرمايو: تَسَلَّبِيْ ثَلٰثًا ثُمَّ اِصْنَعِيْ مَا شِئْتِ يعني 3 ڏينهن سينگار (يعني زينت) کان الڳ رهو پوءِ جيڪو چاهيو ڪريو. (سنن الكبرى، ج. 7، ص. 720، حديث 15523)

اعلٰي حضرت امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اختيارات جي ضمن ۾ هن حديثِ پاڪ کي نقل ڪرڻ کان پوءِ ارشاد فرمائن ٿا ته هتي حضور اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کي هن حڪمِ عام کان استثنا (يعني آزاد) فرمائي ڇڏيو ته عورت کي مڙس تي



www.dawateislami.net

چار مهينا ڏهه ڏينهن سوڳ واجب آهي. (فتاوي رضويه، ج. 30، ص. 529)

جو چاہیں گے جسے چاہیں گے یہ اُسے دیں گے
کریم ہیں یہ خزانے لُٹانے آئے ہیں

اِنہیں خدا نے کیا اپنے مُلک کا مالک
اِنہیں کے قبضے میں ربّ کے خزانے آئے ہیں

سُنو گے لا نہ زبانِ کریم سے نوریؔ
یہ فیض و جُود کے دریا بہانے آئے ہیں

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ناقابلِ قرباني جانور جي باري ۾ اختيارِ مصطفٰي

حضرت سيدنا براءُ بن عازب رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡه کان مروي آهي ته حضرت سيِّدنا ابُو بُردَه رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡه جن نمازِ عيد کان پهريان ئي قرباني ڪري ڇڏي ته نبي ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته ان جي بدلي ٻي قرباني ڪريو (جو اها قرباني نه ٿي) ته انهن عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هاڻي ته مون وٽ 6 مهينن جي ٻڪري جو ٻچو آهي جيڪو هڪ سال جي ٻڪري کان بهتر آهي. نبي پاڪ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اِجۡعَلۡهَا مَكَانَهَا، وَلَنۡ تَجۡزِیَ عَنۡ اَحَدٍ بَعۡدَكَ يعني ان جي جڳهه اُن کي ذبح ڪريو، پر تو کان پوءِ ڪنهن ٻئي جا لاءِ ايئن ڪرڻ هرگز ڪافي نه ٿيندو.

(مسلم، ص. 1084، حديث 1961)

منا منا اسلامي ڀائرو! ياد رهي ته شهر ۾ قرباني ڪرڻ واري جي لاءِ ضروري آهي ته اهو نمازِ عيد ادا ٿيڻ کان پوءِ ئي قرباني ڪري جيئن ته بهارِ



www.dawateislami.net

شريعت ۾ آهي تہ شهر ۾ قرباني ڪئي وڃي تہ شرط هي آهي تہ نماز ٿي وڃي، تنهن ڪري نمازِ عيدڪان پهريان شهر ۾ قرباني نہ ٿي سگهندي. (بهارِ شريعت، حصو 3، 15. ص. 337) مگر حضرت سيِّدنا ابُو بُردَہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہ نمازِ عيد کان پهريان ئي قرباني ڪري ڇڏي هئي. انهيءَ لاءِ حضور نبي ڪريم صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن انهن کي ٻئي جانور جي قرباني جو حڪم ارشاد فرمايو. ان وٽ صرف 6 مهينن جو ٻڪري جو ٻچو رهجي ويو هو. حالانڪ قرباني جي لاءِ ٻڪر، ٻڪري جو هڪ سال جو هجڻ ضروري آهي، جيئن تہ صدر الشريعہ، بَدرُ الطَّريقہ حضرت علاّمہ مَولاناَ مُفتِي مُحمَّد اَمجَد عَلي اَعظَمي رَحۡمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَيۡہ فرمائن ٿا تہ قرباني جي جانور جي عمر هي هجڻ گهرجي، اُٺ 5 سالن جو، ٻڪري هڪ سال جي، ان کان گهٽ عمر جي هجي تہ قرباني جائز ناهي، وڏيڪ هجي تہ جائز بلڪ افضل آهي. ها دنبو يا رڍ جو 6 مهينن وارو ٻچو جيڪڏهن ايترو وڏو هجي جو پري کان ڏسڻ ۾ هڪ سال جو معلوم ٿيندو هجي تہ ان جي قرباني جائز آهي. (بهارِ شريعت، حصو 3، 15 ص. 340) چو تہ حضرت سيدنا ابو بُردَہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہ وٽ صرف ٻڪري جو 6 مهينن جو ٻچو هئو، جنهن جي قرباني نٿي ٿي سگهي، پر جڏهن انهن پنهنجي هن پريشاني جو تذڪرو حضور اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان ڪيو تہ پاڻ صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم نہ صرف انهيءَ 6 مهينن جي ٻڪري جي قرباني ڪرڻ جي اجازت ڏيندي فرمايو تہ تو کان پوءِ آئنده ڪنهن جي لاءِ 6 مهينن جي ٻڪري جي قرباني ڪافي نہ ٿيندي.

دوجہاں کے تاجدار، اَهلاًوّسَهلاً مرحبا

سرورِ با اِختيار اَهلاًوّسَهلاً مرحبا



www.dawateislami.net

مالک و مُختارِ ما اَھلاًوّسَھلاً مرحبا
حامیِ ہر بے نوا اَھلاًوّسَھلاً مرحبا

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

هڪ شخص، سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيو: مان پاڻ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي ايمان آڻڻ چاهيان ٿو. مگر مان شراب نوشي، بدڪاري، چوري ۽ ڪوڙ جو عادي آهيان ۽ ماڻهو هي چوندا آهن ته اوهان (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) انهن شين کي حرام چوندا آهيو، مان (يڪدم ئي) انهن سڀني گناهن کي ته نه ٿو ڇڏي سگهان، البته جيڪڏهن اوهان هن ڳالهه تي راضي ٿي وڃون ته مان انهن مان صرف ڪنهن هڪ برائي کي ترڪ ڪيان ته مان توهان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ايمان آڻڻ جي لاءِ تيارآهيان. ٻنهي جهانن جي سلطان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: توهان ڪوڙ ڳالهائڻ ڇڏي ڏيو. ان هن ڳالهه کي قبول ڪيو ۽ مسلمان ٿي ويو، جڏهن اهو پياري آقا مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان هليو ويو ته ان کي شراب پيش ڪيو ويو، ان سوچيو ته جيڪڏهن مان شراب پي ڇڏيو ۽ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مون کان شراب پيئڻ جي متعلق پڇيو ۽ مان ڪوڙ ڳالهائي ڇڏيو ته عهد شڪني ٿيندي ۽ جيڪڏهن مان سچ ڳالهايو ته سرڪار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي حد (يعني شرعي سزا) قائم ڪري ڇڏيندا، تنهن ڪري ان هن گناهه کي به ترڪ ڪري ڇڏيواهڙي طرح هن کي بدڪاري جو موقعو مليو هن جي ذهن ۾ ٻيهر اهو خيال آيو تنهن ڪري ان هن گناهه کي به ترڪ ڪري ڇڏيو،



www.dawateislami.net

اهڙي طرح چوري جو معاملو ٿيو، پوءِ اهو رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪرڻ لڳا: يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اوهان ڏاڍو سٺو ڪيو ته مون کي ڪوڙ ڳالهائڻ کان روڪي ڇڏيو ۽ ان مون تي تمام گناهن جا دروازا بند ڪري ڇڏيا، ان کان پوءِ اهو شخص سيني گناهن کان توبهه تائب ٿي ويو. (تفسيرِ کبير، پ. 11، التوبة تحت الاية: 119، 2/167-168)

منا منا اسلامي ڀائرو! اختياراتِ مصطفٰي جي باري ۾ بيان ڪيو ويو ان سيني واقعات کان بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي محبوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي ڪهڙو عظيم الشان مقام عطا فرمايو آهي ته شريعت جي احڪامن کي مقرر ڪري ڇڏڻ کان پوءِ ان احڪامن کي مڪمل اختيار نبين جي تاجور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن کي سونپيو ويو جيئن ته مُحقّق عَلَي الِاطّلاق حضرت سيدنا شيخ عبدالحَق دهلوي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡہِ فرمائن ٿا: صحيح ۽ مختار مذهب اهو ئي آهي جيڪي احڪام، حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي حوالي آهن، جنهن تي جيڪو چاهي حڪم فرمائن، هڪ کي هڪ تي حرام ڪن ۽ ٻئي تي مباح (يعني جائز مزيد فرمائن ٿا ته) حَق تعالٰي شريعت مقرر ڪري سڄي جي سڄي، پنهنجي رسول ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي حوالي ڪري ڇڏي (ته ان ۾ جهڙي طرح چاهين تبديلي ۽ اضافو فرمائن) (مدارج النبوة، 2/ 183) تنهنڪري اسان کي گهرجي ته رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي بين فضائل ۽ ڪمالات تي ڪامل يقين ۽ ايمان رکڻ سان گڏوگڏ ، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي اختيارات تي به ايمان آڻيون پڻ هن قسم جي خيالات کي پنهنجي ذهن ۾ هرگز جڳهه نه ڏيون ته جنهن شيءِ کي قرآن ڪريم ۾ حلال بيان ڪيو ويو آهي صرف



www.dawateislami.net

اهو ئي حلال ۽ جنهن شيء کي قرآن ڪريم ۾ حرام بيان ڪيو ويو آهي صرف اهو ئي حرام آهي، بلڪ اهو ايمان هجڻ گهرجي ته نبين جي سردار، ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا فرامين ۽ احاديث به ڪنهن شيء کي حلال ۽ حرام قرار ڏيڻ ۾ قرآنِ ڪريم ئي وانگر دليل ۽ حجت آهن. جيئن ته پاڻ خد حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي اختياراتِ تي اعتراضات ڪرڻ وارن بد نصيبن کي تنبيهه ڪندي ارشاد فرمايو: ممڪن آهي ته ڪو شخص پنهنجي تخت تي ٽيڪ لڳائي ويهي ۽ منهنجي احاديث مان ڪا حديث بيان ڪرڻ کان پوءِ (ماڻهن جي عقائد خراب ڪندي) هي چوي ته اسان جي توهان جي وچ ۾ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو ڪتاب موجود آهي، اسان کي ان ۾ جيڪا شيء حلال ملندي، صرف ان کي ئي حلال ۽ جيڪا شي حرام ملندي، صرف ان کي حرام ڄاڻيون تا. (پوءِ فرمايائون) اَلَا وَاِنَّ مَا حَرَّمَ رَسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مِثْلَ مَا حَرَّمَ اللّٰهُ خبردار! جنهن شي کي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو رسول حرام ڪري ڇڏي اهو به اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي طرف کان حرام ڪيل (شيء) وانگر حرام آهي. (ابن ماجه، ڪتاب السنة، ج. 1، ص. 16، حديث. 12)

آج از پئے وِلادت جی ہاں مِلے گی جنّت
مُختارِ خُلد و کوثر تشریف لا رہے ہیں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ياد رهي ته! اللّٰه تبارڪ و تعالٰي دنيا ۾ تقريبًا هڪ لک چويهه هزار پيغمبر موڪليا ۽ انهن کي طرح طرح جا معجزات ۽ بي مثال اختيارات سان مشرف فرمايو مثلاً حضرت سيدنا عيسٰي روح اللّٰه عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام



www.dawateislami.net

جن کي مرده زنده ڪرڻ، ڪوڙهه ۽ برص جي بيماري کي دور ڪرڻ جا اختيارات ۽ معجزات عطا فرمايا، حضرت سليمان عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جن کي جنن ۽ هوائن تي حڪومت ڪرڻ ۽ ٽي ميلن کان چيونٽي ( يعني ڪِوِل) جي آواز کي ٻڌڻ وغيره جهڙا اختيارات عطا فرمايا ۽ جڏهن الله عَزَّوَجَلَّ شاهه بني آدم، شافِعِ اُمَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي رسول بڻائي موڪليو ته چو جو پاڻ اولين ۽ آخرين جا سردار بڻايا ويا آهيو، تنهن ڪري الله تعالي پاڻ سڀورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي پنين انبياءِ ۽ رسُل عَلَيۡهِمُ السَّلَام کان وڌيڪ فضائل، ڪمالات ۽ اختيارات جو مالڪ بڻايو، ايسيتائين جو سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي چنڊ سج تي به اختيار عطا فرمايو جيئن ته

## نور جو رانديڪو

شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه پنهنجي رسالي ”نور جو رانديڪو“ جي صفحي نمبر 6 تي لکن ٿا ته

حضرت سيِّدُنا عَباس رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کان روايت آهي ته پاڻ رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جن رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مون کي ته اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي نبوت جي نشانين اوهان جي دِين ۾ داخل ٿيڻ جي دعوت ڏني هئي. مون ڏٺو ته اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (ننڍپڻ ۾) جهولي( يعني پينگهي) ۾ چنڊ سان ڳالهائيندا ۽ پنهنجي آڱر سان ان جي طرف اشارو ڪندا ته جنهن طرف اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اشارو فرمائيندا هيو، چنڊ ان طرف جهڪي



www.dawateislami.net

ويندو هو، حضور پرنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مان چنڊ سان ڳالهيون ڪندو هيُس ۽ چنڊ مون سان ڳالهيون ڪندو هو، اهو مون کي روئڻ کان بهلائيندو هو ۽ جڏهن چنڊ عرشِ الٰهي جي هيٺان سجدو ڪندو هو ته ان وقت مان ان جي تسبيح جي آواز ٻڌندو هيُس.

چاند جُھک جاتا جِدھر اُنگلی اُٹھاتے مَہد میں — کیا ہی چلتا تھا اِشاروں پر کھلونا نُور کا
تیرے ہی ماتھے رہا اے جان سہرا نور کا — بخت جاگا نور کا چمکا ستارا نور کا
میں گدا تُو بادشاہ بھر دے پیالہ نورکا — نور دِن دُونا تِرا دے ڈال صدقہ نور کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## لٿل سج واپس آيو

خيبر جي ويجهو مقامِ صهبا ۾ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نمازِ عصر پڙهي ڪري حضرت سيِّدُنا علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي هنج ۾ پنهنجو سرِ اقدس رکي سمهي رهيا ۽ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي وحي نازل ٿيڻ لڳي. حضرت سيدنا علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ سرِ اقدس کي پنهنجي آغوش ۾ کڻي ويٺا رهيا. ايسيتائين جو سج غروب ٿي ويو ۽ سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي هي معلوم ٿيو ته حضرت سيدنا علي رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جن جي نمازِ عصر قضا ٿي وئي ته پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هي دعا فرمائي ته يا الله عَزَّوَجَلَّ! يقينًا علي تنهنجي ۽ تنهنجي رسول جي اطاعت ۾ هئا، تنهن ڪري تو سج کي واپس موٽائي ڇڏ ته جيئن علي نمازِ عصر ادا ڪري وٺي.

حضرت سيِّدَتُنا اَسمَاء بِنتِ عُمَيس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا فرمائن ٿيون ته مون پنهنجي اکين سان ڏٺو ته ٻڏيل سج واپس آيو ۽ جبلن جي چوٽين تي ۽ زمين جي مٿان هر طرف اُس ڦهلجي وئي. (سيرتِ مصطفٰي، ص. 722)



www.dawateislami.net

زمین و زماں تمہارے لئے مکین و مکان تمہارے لئے — چُنین و چُناں تمہارے لئے بنے دو جہاں تمہارے لئے

اِشارے سے چاند چِیر دِیا چُھپے ہوئے خُور کو پھیر لِیا — گئے ہوئے دن کو عَصر کیا یہ تاب و تَواں تمہارے لئے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪتاب ”سيرتِ مصطفٰي“ جو تعارف

منا منا اسلامي ڀائرو! سرڪارِ نامدار، ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا فضائل و ڪمالات ۽ اختيارات جي باري ۾ مزيد معلومات جي دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي مطبوعہ ڪتاب ”سيرت مصطفٰي“ جو مطالعو نهايت مفيد آهي. الحمد للّٰه عَزَّوَجَلَّ هن ڪتاب ۾ اعلانِ نُبُوَت ۽ هجرت کان پهريان ۽ بعد جي واقعن، حضور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا اختيارات، خانداني حالات ۽ غزوات جي واقعن جي علاوه جمادات، نباتات، حيوانات ۽ جنات وغيره سان متعلق معجزات کي بہ نهايت عمده انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي، تنهنڪري اڄ ئي هن ڪتاب کي مڪتبة المدينہ جي بستي کان هديةً طلب فرمائي ڪري پاڻ بہ ان جو مطالعو فرمايو ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو. دعوت اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي ريڊ (يعني پڙهو) بہ ڪري سگهي ٿو. ڊائون لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آئوٽ (Print out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مجلس مدرسة المدينہ آن لائن

منا منا اسلامي ڀائرو! دعوت اسلامي جي مدني ماحول ۾ اهڙيون



www.dawateislami.net

پياريون پياريون ڳالهيون ٻڌايون ويندِيون ۽ بڪثرت سنّتون سکيون ۽ سيکاريون وينديون آهن، تنهن ڪري اسان کي بہ گهرجي تہ نيڪين ڪرڻ، گناهن کان بچڻ، علمِ دين ۾ اضافو ڪرڻ ۽ عشقِ رسول وڌائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ رهون، اَلْحَمْدُ لله عَزَّوَجَلَّ دعوت اسلامي کم و بيش 97 شعبہ جات ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي، جن مان هڪ شعبو مدرسة المدينہ آن لائن بہ آهي. شوال المڪرم 1432 بمطابق سيپٽمبر 2011 ۾مجلس مدرسة المدينہ آن لائن جو قيام عمل ۾ آندو ويو. هن شعبي ۾ انٽرنيٽ جي ذريعي ڪيترن ملڪن جي مسلمانن کي نہ صرف دُرُست مخارج سان قرآنِ پاڪ جي مفت تعليم ڏني وڃي ٿي بلڪ بنيادي اسلامي تعليمات مثلاً باقاعده آن لائن درسِ نظامي ڪرائڻ بہ حدف ۾شامل آهي. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ (ww.dawateislami.net) تي هن شعبي جي تفصيلي معلومات ۽ داخلا فارم (Admission Form) بہ موجود آهي، تنهن ڪري مدرسة المدينہ آن لائن ۾ داخلا جا خواهشمند اسلامي ڀائر دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ کي ضرور وزٽ (Visit) فرمائن، مگر ياد رهي تہ في الحال مدرسة المدينہ آن لائن جي سهولت صرف بيرونِ ملڪ مقيم اسلامي ڀائرن جي لاءِ آهي.

اللّٰہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں — اے دعوتِ اسلامی تیری دُھوم مچی ہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! — صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان جي پياري آقا، مڪي مدني



www.dawateislami.net

مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا ڪمالات ۽ اختيارات جي باري ۾ ٻڌو ته ..

- ❖ قيامت جي ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي شفاعتِ ڪبرٰي جو اختيار عطا فرمائيندو ته حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي هر ان امتي کي جهنّم مان ڪڍي ايندا جنهن جي دل ۾ ذرّه برابر به ايمان هوندو. ياد رهي! هي ته قيامت جي ڏينهن جو اختيار آهي، دنيا ۾ به ماڻهن جي ذاتي معاملات ۽ حلال و حرام جي شرعي احڪامن ۾ سندن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪامل اختيارات عطا فرمائي قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمايو ويو ته جيڪو ڪجهه توهان کي رسول عطا فرمائي، اهو وٺو ۽ جنهن کان منع فرمائن باز رهو، معلوم ٿيو ته حضور اقدس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ، الله عَزَّوَجَلَّ جا نائبِ مطلق آهن.
- ❖ سڀ جهان حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اختيار ۾ ڏنا ويا، جيڪو چاهين ڪن، جنهن کي جيڪو حڪم فرمائن، اهو ئي سبب آهي جو مڪه ۾ وڻ ۽ گاهه وغيره ڪٽڻ جي حرام هجڻ جي باوجود ماڻهن جي ضرورت جي سبب اذخر گاهه ڪٽڻ حلال فرمائي ڇڏيو.
- ❖ سيني جي لاءِ 5 وقت نماز فرض ٿيڻ جي باوجود هڪ شخص تي ان جو عرض قبول فرمائيندي تي (3) نمازون معاف فرمائي ڇڏيون.
- ❖ حج جي حڪم بيان ڪرڻ کان پوءِ جڏهن هر سال حج جي فرض ٿيڻ جي باري ۾ پڇيو ويو ته خاموشي اختيار فرمائي سڄي زندگي ۾ هڪ ڀيرو حج کي فرض رکيو ۽ فرمايائون ته جيڪڏهن مان ها چئي ڇڏيان هان ته هر سال حج ڪرڻ فرض ٿي وڃي.



www.dawateislami.net

- امت جي دشواري جو خيال فرمائيندي مسواڪ کي صرف سنت ئي رکيائون، وضو ۾ واجب قرار نہ ڏنائون.
- نمازِ عشاء جي وقت ۾ بہ امت جي آساني کي پيشِ نظر رکندي، اڌ رات يا ٽئين حصي رات ۾ نمازِ عشاء پڙهڻ واجب نہ فرمايائون.
- اهڙي غير حامله عورت جنهن جو مڙس فوت ٿي وڃي، ان کي بحڪم قرآني 4 مهينا ڏهہ ڏينهن عدّت ۾ رهڻ واجب آهي، مگر حضرت سيدتنا اسماء بنت عُميس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا جي حق ۾ حضورِ پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هن طويل عدّت کي ٽن ڏينهن ۾ تبديل فرمائي ڇڏيائون.
- هڪ سال کان گهٽ عمر جي ٻڪري جي قرباني جائز ناهي، مگر حضرت سيدنا ابو بُرده رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کي 6 مهينن جي ٻڪري جي قرباني جي اجازت عطا فرمائيندي ارشاد فرمايائون تہ توهان کان پوءِ ڪنهن جي لاءِ ايئن ڪرڻ ناجائز ٿيندو.

بهرحال اختياراتِ مصطفٰي سان متعلق هن طرح جا تمام گهڻا واقعا آهن، جن سان پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي شان و عظمت ۽ محبت و عقيدت دلين ۾ مزيد پختہ ٿيڻ سان گڏوگڏ هي ڳالهہ بہ واضح ٿي وڃي ٿي تہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان وانگر معاذ الله ڪو عام بشر ناهن بلڪ الله عَزَّوَجَلَّ جي سڄي ڪائنات ۾ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن کي سڀ کان بلند مقام عطا فرمايو ويو آهي. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي سچو عاشقِ رسول بڻائي ۽ عاشقانِ رسول جي صحبت اپنائڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو! ميلادِ مصطفٰي جي ڪجهه حسين گهڙين جو ذڪر ٻڌو ته جڏهن منهنجي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي دنيا ۾ تشريف آوري ٿي هئي، تاريخ ڪهڙي هئي؟ ڏينهن ڪهڙو هو؟ ڪهڙا حالات هئا؟ اچو ٻڌو، ايمان تازو ڪريون.

ربيع الاول مهيني جي 12 تاريخ ۽ ڏينهن سومر شريف آهي، حضرت سيدنا عبد المطلب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ، پياري نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جا پيارا ڏاڏا جان حرم شريف ۾ اچي ويا هئا، حضرت آمنہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا گهر ۾ اڪيلي آهي، جو ته سَس ۽ مڙس جو سايو پهريان ئي اٿي چڪو هو، سُهرو خانہ ڪعبہ جي طواف ۾ مشغول آهن.

خيال ڪيائون ته ڪاش! هن وقت خاندانِ عبد مناف جون ڪجهه عورتون مون وٽ هجن، اوچتو ڇا ڏسن ٿيون ته نهايت حسين ۽ جميل عورتن سان گهر ڀرجي ويو.

پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ انهن کان استفسار فرمايو”بيبيون توهان ڪير آهيو“ ”ڪٿان آيون آهيو“ ۽ ”ڪٿان آيون آيو“ انهن مان هڪ چيو، ”مان اُمُّ البشر سيني انسانن جي ماءُ آدم عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي زوجہ“ حوّا آهيان. ”رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا“، ٻئي چيو ”مان فرعون جي زال آسيہ آهيان“ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا، ٽئين چيو، ”مان عيسٰي روح الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي والده مريم آهيان رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا ۽ ٻيون تمام عورتون جنت جون حورون آهن، اڄ ڪونين جو گهوٽ، عالم جي داتا، فقيرن جا ملجا ۽ ماوٰي محمد رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آمد آمد آهي، ان جي استقبال ۽ اوهان جي خدمت جي لاءِ اسان آيون آهيون. اي آمنہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا! دروازي جي ٻاهر نظر ڪڻ



www.dawateislami.net

چارون طرف تاحدِ نظر فرشتن جا ميلا لڳيل آهن، گهر ۾ حورون در تي ملڪ آهن، جن جون قطارون آسمان تائين آهن“ حاضرين ۾ ڪجهه هن طرح چرچا ٿي رهيا آهن.

آئی نِدا کہ آمنہ جاگے تیرے نصیب
آئیں گے تیری گودی میں اللہ کے حبیب
کہا حوروں نے یہ محبوبِ ربُّ العالمین ہوں گے
فِرشتوں نے کہا سرکار ختم المرسلین ہوں گے
زمیں بولی کہ یہ اسرارِ قدرت کے امیں ہوں گے
فَلک بولا کہ ان کے بعد پیمبر نہیں ہوں گے

پياري نبي، مٺي نبي، سهڻي نبي، سچي نبي، آمنہ جي اکين جا تارا نبي، حليمہ جا دلارا نبي، بي سهارن جا سهارا نبي، صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ختنہ شده، دُنُ بريده، سُرمي واريون اکين سان گڏ تشريف ڪٽي آيا. هر قسم جي آلائش کان پاڪ بلڪ آلائشن کان پاڪ ڪرڻ جي لاءِ تشريف ڪٽي آيا. غيب کان آواز اچڻ لڳو ربِ ڪعبہ (عَزَّوَجَلَّ) جي قسم! ڪعبي کي عزت ملي وئي. هوشيار ٿي وڃو تہ ڪعبي کي ان جو قبلو ۽ مسڪن ٺهرايو ويو.

محبوبِ ربّ العزت، مصطفٰي جانِ رحمت، تاجدارِ رسالت شهنشاھ نبوت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن دنيا ۾ تشريف ايندي ئي رب عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ سجدو ڪيو، مبارڪ آڱريون آسمان جي طرف ڪنيل هيون. جنّتي ڱلن کان وڌيڪ حسين چپ حرڪت ڪري رهيا هئا ۽ آواز اچي رهي هيو.

رَبِّ هَبْ لِيْ اُمَّتِيْ، رَبِّ هَبْ لِيْ اُمَّتِيْ، رَبِّ هَبْ لِيْ اُمَّتِيْ ولادتِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي موقعي تي ٽي جهنڊا نصب ڪيا ويا، هڪ مشرق ۾، هڪ مغرب ۾ هڪ خانہ ڪعبہ جي ڇت تي.

حضرت سيدتنا آمنہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا فرمائن ٿيون تہ، ولادتِ مصطفٰي جي وقت اهڙو نور چمڪيو جو مشرق ۽ مغرب روشن ٿي ويا ۽ مان مڪي



www.dawateislami.net

ڪان شام جي محلات واضح طور تي ڏسي ورتا.

آمِنہ تجھ کو مبارک شاہ کا میلاد ہو
تیرا آنگن نور،تیرا گھر کا گھر سب نور ہے
اِس طرف جو نور ہے تو اُس طرف بھی نور ہے
ذرَّہ ذرَّہ سب جہاں کا نُور سے معمور ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي پائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جي حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن دنيا ۾ تشريف آڻيندي ئي سجدو فرمايائون، ڪاش! ان سجدي جي صدقي ۾ اسان کي سجدن جي توفيق نصيب ٿي وڃي ۽ اسان پنج نمازون مسجد ۾ تڪبيرِ اولٰي سان گڏ صفِ اول ۾ پڙهڻ جا عادي بڻجي ويون. ياد رهي! هر مسلمان مرد ۽ عورت تي پنجن وقتن جي نماز فرض آهي. نماز جي فرضيت جو انڪار ڪرڻ وارو ڪافر آهي، چاهي ان جو نالو ۽ پيا ڪم مسلمانن وارا هجن. جيڪو بد نصيب هڪ وقت جي نماز به ڄاڻي واڻي قضا ڪري ڇڏيندو آهي ان جو نالو دوزخ جي دروازي تي لکيو ويندو آهي.

الله عَزَّوَجَلَّ جي نور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي جلوه گري ٿيندي ئي بُت ڏڙا ڏڙ ڪرڻ لڳا. ڪاش! اسان به پنهنجي گهرن مان بُتن جي صفائي ڪريون. الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آمد جي خوشي ۾ جبريلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام جن ڪعبي تي جهنڊا نصب ڪيا.

رُوح الامیں نے گاڑا کعبے کی چھت پہ جھنڈا
تاعرش اُڑا پھریرا صبحِ شبِ ولادت

اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ! اسان به پنهنجي هٿن ۾ ۽ پنهنجي سوارين تي



www.dawateislami.net

فيضانِ گنبدِ خضرٰي ۽ فيضانِ گنبدِ غوث و رضا سان مالا مال مدني پرچم ڪٽي جلوسِ ميلاد ۾ شرڪت ڪندا سين. زور سان چئو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ 12 ربيع الاول يعني اڄ جو روزو به رکنداسين ته اسان جي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هر سومر شريف جو روزو رکندا هئا ۽ جڏهن بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ سومر جي روزي جي باري ۾ پڇيو ويو ته ارشاد فرمايائون "انهيءَ ڏينهن منهنجي ولادت ٿي ۽ انهيءَ ڏينهن مون تي وحي نازل ٿي" ته اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان به يعني اڄ روزو رکنداسين. هٿ کڻي ڪري زور سان چئو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

## 12 تاريخ

منا منا اسلامي ڀائرو! اڄ ٻارهين جي رات آهي ۽ 12 جي عدد سان اسان کي پيار آهي. اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ڀاءُ مولانا حسن رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن پنهنجي نعتيه ديوان ذوقِ نعت ۾ فرمائن ٿا.

سحابِ رحمتِ باری ہے بارہویں تاریخ  کرم کا چشمۂ جاری ہے بارہویں تاریخ
ہمیں توجان سے پیاری ہے بارہویں تاریخ  عدو کے دِل کو کٹاری ہے بارہویں تاریخ

ہزار عیدہوں ایک ایک لحظہ پرقرباں  خوشی دلوں پہ وہ طاری ہے بارہویں تاریخ
تمام ہو گئی میلادِ انبیاء کی خوشی  ہمیشہ اب تیری باری ہے بارہویں تاریخ

خدا کے فضل سے ایمان میں ہیں ہم پورے  کہ اپنی روح میں ساری ہے بارہویں تاریخ
ہمیشہ تُونے غلاموں کے دِل کیے ٹھنڈے  جلے جو تجھ سے وہ ناری ہے بارہویں تاریخ
حسن ؔ ولادتِ سرکار سے ہوا روشن  میرے خدا کو بھی پیار ی ہے بارہویں تاریخ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب!  صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

انهيءَ ٻارهين تاريخ جي پياري پياري نسبت سان دعوتِ اسلامي جي



www.dawateislami.net

بارنهن پارنهن هفتہ وار اجتماعن ۾ اول تا آخر يعني تلاوت، نعت، بيان، دعا، رات اعتڪاف، بعد فجر مدني حلقي ۽ اشراق چاشت تائين شرڪت ۽ پاڻ سان گڏ انفرادي ڪوشش ڪري ٻہ ٻہ اسلامي ڀائر گڏ وٺي اچڻ جي نيت ڪريو. هن ارادي سان هٿ ڪٽي ڪري زور سان چئو. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

منا منا اسلامي ڀائرو! پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي ولادتِ با سعادت جي خوشي ۾ ربيع الاول ۾ بلڪ تي سگهي تہ هتو هٿ دعوت اسلامي جي ٽن ڏينهن جي مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪريو.

منا منا اسلامي ڀائرو! اوهان بہ دعوتِ اسلامي جي هن پياري پياري مدني ماحُول سان وابستہ ٿي وڃو، اڄ جي هن مبارڪ رات جي عظيم گهڙين ۾ عاشقانِ رسول جي صحبت حاصل ڪندي نيڪ اعمال جي سنيون سنيون نيتون ڪري وٺو، فرض علوم سکڻ، روز فڪرِ مدينہ ڪرڻ ۽ مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ جي نيت ڪري وٺو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! بيان جي اختتام جي طرف ايندي سنت جي فضيلت، چند سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ جنت نشان آهي: جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة المصابيح، ج. 1، ص. 55، حديث. 175)

سينہ تری سنّت کا مدينہ بنے آقا    جنّت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## نهن ڪٽڻ جون سنتون ۽ آداب

اچو! شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُـهُمُ الۡعَالِيَهۡ جن جي رسالي ”101 مدني گل“ مان نهن ڪٽڻ جون سنتون ۽ آداب ٻڌو ٿا:

﴿1﴾ جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽڻ مستحب آهن. ها جيڪڏهن وڌي ويا هجن ته جمعي جو انتظار نه ڪريو. (درمختار ج 9 ص 668) صدرُالشَّريعه، بدرالطَّريقه مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ القوي بهار شريعت، جلد 3 ص 583 ۾ فرمائن ٿا: منقول آهي: ”جيڪو جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽي الله تعالىٰ اُن کي ٻئي جمعي تائين مصيبتن کان محفوظ رکندو ۽ ٽي ڏينهن وڌيڪ يعني ڏهه ڏينهن تائين. (مرقاةالمفاتيح ج 8 ص 212 تحت الحديث 4422) هڪ روايت ۾ هي به آهي ته جيڪو جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽي ته رحمت نازل ٿيندي ۽ گناهه ڇڻندا. (درمختار و ردالمحتار ج 9 ص 668) ﴿2﴾ هٿن جا ننهن ڪٽڻ جي منقول طريقي جو خلاصو پيش خدمت آهي: پهرين ساڄي هٿ جي شهادت واري آڱر کان شروع ڪري ترتيبوار چيچ سميت ننهن ڪٽيا وڃن پر آڱوٺو ڇڏيو وڃي، هاڻي کٻي هٿ جي چيچ کان شروع ڪري ترتيبوار آڱوٺي سميت ننهن ڪٽيو، پوءِ هاڻي آخر ۾ ساڄي هٿ جي آڱوٺي جو ننهن ڪٽيو وڃي. (درمختار و ردالمحتار، ج 9 ص 670، احياءُ العلوم، ج 1، ص 193) ﴿3﴾ پيرن جي ننهن ڪٽڻ جي ڪا ترتيب منقول ناهي. بهتر اهو آهي ته ساڄي پير جي چيچ کان شروع ڪري ترتيبوار آڱوٺي سميت ننهن ڪٽيو پوءِ کاٻي پير جي آڱوٺي کان شروع ڪري چيچ سميت ننهن ڪٽيو. (درمختار، ج 9 ص 670) ﴿4﴾ جنابت جي حالت (يعني غسل فرض ٿيڻ جي صورت) ۾ ننهن ڪٽڻ مڪروهه آهي. (فتاوىٰ عالمگيري ج 5 ص 358) ﴿5﴾ ڏند سان ننهن ڪٽڻ مڪروهه آهي ۽ ان سان برص (يعني ڪوڙهه) جي بيماري ٿيڻ جو انديشو آهي. (ايضًا) ﴿6﴾ ننهن ڪٽڻ کان پوءِ انهن کي دفن ڪري ڇڏيو ۽



www.dawateislami.net

جيڪڏهن اجلائي ڇڏيو تہ بہ حرج ناهي. (ايضًا) ﴿7﴾ ڪتيل ننهن بيتُ الخلا يا غسل خاني ۾ اجلائڻ مڪروهہ آهن، جو ان سان بيماري پيدا ٿئي ٿي. (ايضًا) ﴿8﴾ اربع جي ڏينهن نُنهن نہ ڪٽڻ گهرجن، چوتہ ڪوڙهہ جي بيماري ٿيڻ جو انديشو آهي البت جيڪڏهن اوڻيتاليهہ ڏينهن کان نہ ڪٽيا هئا، اڄ اربع چاليهون ڏينهن آهي جيڪڏهن اڄ نہ ڪٽيا تہ چاليهہ ڏينهن کان وڌيڪ ٿي ويندا تہ اُن تي واجب ٿيندو تہ اڄ جي ئي ڏينهن ڪٽي ان ڪري جو چاليهہ ڏينهن کان وڌيڪ ننهن رکڻ ناجائز ۽ مڪروهہ تحريمي آهي. (تفصيلي معلومات جي لاءِ فتاويٰ رضويہ جلد 22 صفحو 574، 685 ملاحظ فرمايو) ﴿9﴾ ڊگها ننهن شيطان جي نشست گاهہ آهن يعني انهن تي شيطان ويهندو آهي. (اتحاف السادة للزبيدي ج 2 ص 653)

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعي جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاہِ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَصَحْبِہٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعي ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[(1)]

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[(2)]

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو ھي دُرُود شريف پڙھندو آھي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آھن.[3]

## (4) ڇھ لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيْهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِى کن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي.[4]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنھنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابہ ڪرام رَضِىَاللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھو مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي تہ ھيئن پڙھندو آھي.[5]

---

[3] ...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[4] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[5] ...القول البديع، الباب الاول، ص125



www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[6]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[7]

### (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

6 ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

7 ... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net